ستسنگ

مهاراج چرن سنگهه جي

١٢

” رام گورو پارس پرس کريجيءِ “
(گورو رامداس صاحب)

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)

سَتسنگ

راڳ ڪلياڻ محلا ۴.

رام گورو پارس پرس ڪريجئي.

هيءَ چوٿين پاتشاهي سري گورو رامداس جي مهاراج جن جي باڻي آهي. پاڻ اُپديش ڪن ٿا ته دنيا ۾ ٻن قسمن جا پارس آهن. هڪ آهي رام آهي، پرميشور آهي، اَڪال پرک آهي، واهگرو آهي، ٻيا اُن پرماتما جا ڀڳت، پيارا ۽ عاشق آهن، جيڪي مالڪ جي ڀڳتي ڪري واپس وڃي اُن مالڪ ۾ سمائجي وڃن ٿا. پراچين اتهاس ۾ ذڪر اچي ٿو ته پارس هڪ قسم جو پٿر ٿيندو آهي، جنهن جي ڇهڻ سان لوهه سون بڻجي پوندو آهي پر پارس ۽ سنتن مهاتمائن ۾ وڏو فرق آهي. پارس لوهه کي سون بڻائي ٿو، پر سنت مهاتمائون جيڪي پنهنجيءَ شرڻ ۾ آڻين ٿا اُنهن کي پنهنجو ئي روپ بڻائي ڇڏين ٿا. باباجي مهاراج جن پنهنجن خطن ۾ لکن ٿا ته جنهن وقت سنت ستگرو جيئو کي نام بخشين ٿا، اهو جيئو اُن وقت کان ئي سچ کنڊ جو حقدار بڻجي وڃي ٿو. باقي ته وقت جي ڳالهه آهي، هن جي ڪرمن ۽ ليڻ ڏيڻ جي ڳالهه آهي.

اسان جي آتما اُن پرماتما جي اَنس آهي، اسين اُن ستنام روپي ساگر جي بوند آهيون، مالڪ کان وڇڙي هن مايا جي جار ۾ ڦاٿا پيا آهيون. من جي وس ٿي جيڪي به ڪرم ڪريون ٿا، چڱا به ڪريون ٿا، بُرا به ڪريون ٿا، اُنهن سڀني جو نتيجو ڀوڳڻ لاءِ اسان کي هن چوراسيءَ جي چڪر ۾ وري وري اچڻو پوي ٿو. هتي اچي جنهن به جامي ۾ اسين جنم وٺون ٿا، اُتي اسان کي ڏک

۾ ملون ٿا. حضرت عيسيٰ بائيبل ۾ اهائي ڳالهه چئي آهي، "تون منهنجي اندر سمايل آهين، مان پنهنجي پِتا يعني پرماتما جي اندر سمايل آهيان، انهيءَ لاءِ تون ۽ منهنجي معرفت اُن پرماتما جي اندر سمايو پيو آهين." اهوئي اُپديش گرو صاحب جن هتي اسانکي ڏيئي رهيا آهن. جيڪي ۽ مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا آهن اُهي پرماتما جي ڀڳتي ۽ پرماتما جي پيار دوارا اُن مالڪ ۾ سمائجي وڃن ٿا. مالڪ کي ته اسان مان ڪنهن به ڪونه ڏٺو آهي. جيسين اسانکي ڪو اسان جهڙو ٻڌي نه سمجهائي، اسانکي ڪڏهن به پرماتما جو پتو نه لڳي سگهندو. اسانجي اندر ڪڏهن به مالڪ جو پيار ۽ شوق پيدا ٿي نه سگهندو. اهي گرمکه سنت پرش وٽان ٿي اچن ٿا، اسانجي اندر اُن مالڪ سان ملڻ جو چاهه ۽ پيار پيدا ڪن ٿا، اسانکي ڀڳتي ۽ ساڌن سمجهائين ٿا، ۽ واپس اسانکي وٺي هلي اُن سَت پرش سان ملائين ٿا. گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته دنيا ۾ ٻن قسمن جا پارس آهن. هڪ ته اهو پرماتما پارس آهي، ٻيا مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا پارس آهن. جڏهن اسين اُنهنجي سنگت ۽ صحبت ڪريون ٿا اسين به پارس بڻجي پئون ٿا، اسانجو جنم مرڻ جي ڏکن کان ڇوٽڪارو ٿئي ٿو.

هم نرگڻي منوُر آنڌي ڦيڪي مل ستگور پارس ڪيجيءِ.

لوهانکي چوٿين پاتشاهي جي جيون جي باري ۾ ڄاڻ آهي ته جڏهن ٿين پاتشاهي گديءَ تي براجمان هئا ته پاڻ اُن وقت ڪوهر وڪڻندا هئا. پر جنهن وقت پاڻ ستگروءَ جي سنگت ۾ آيا ته اُنهن هن تي اهڙي ته دَيا مهر ۽ بخشش ڪئي جو ڪيس پنهنجو روپ بڻائي ڇڏيائون بلڪ پنهنجيءَ گديءَ تي وهاريائون. پاڻ گهڻيءَ نمرتا ۽ پريم سان ٻڌائين ٿا ته مان ته لوهه به ڪونه هوس. مان ته لوهه جي ڪٽ هوس. پر جنهن وقت ستگروءَ جي سنگت ۾ آيس، هنجي صحبت ۾ آيس، هُنن مون تي دَيا مهر بخشش ڪري مونکي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. هُنن مونکي به پارس بڻائي ڇڏيو. پاڻ

ٿي ڏک، مصيبتون ٿي مصيبتون سهڻيون پون ٿيون. ڪڏهن ٻه جامي ۾ جنم وٺي اسين ڪڏهن به سک حاصل نٿا ڪري سگهون، ڪڏهن شانتي حاصل نه ٿا ڪري سگهون. جڏهن انسان جي جامي ۾ جنم وٺي نه سک ۽ شانتي نٿي ملي ته ويچار ڪري ڏسو ته ٻئي ڪهڙي جامي ۾ اسانکي سک ۽ شانتي ملي سگهندي؟

مهاتما اُپديش ڪن ٿا ته جيستائين اسانجي آتما واپس وڃي اُن پرماتما ۾ نٿي سمائجي، اسانجو جنم مرڻ جي ڏکن کان، شرير جي بندن کان ڪڏهن به ڇوٽڪارو نٿو ٿي سگهي؛ گرمکن جي دوارا ئي آتما واپس پرماتما سان ملي سگهي ٿي، سادن، سنتن، ۽ مهاتمائن جي ٻڌايل اُپديش تي هلي مالڪ ۾ سمائجي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته اهي گرمک ئي آهن جيڪي مالڪ جي ڀڳتي ڪري اُن ۾ ليولين ٿي ويا آهن. گرو صاحب جن فرمائين ٿا -

هرڪا سيوڪ سو هر جيها، ڀيد نه جاڻو ماڻس ديها.

(صفحو ١٠٧٣)

جيڪي پرماتما جا ڀڳت ۽ پيارا آهن، اهي پرماتما جي ڀڳتي ڪري پرماتما جو ئي روپ ٿي وڃن ٿا. اُنهن ۾ ۽ پرماتما ۾ ڪوبه ڀيد يا فرق ڪونهي. "جئه جل ترنگ اُٿهه بهه ڀاتي فرسلله سلل سمائيندا" سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ اُن ڇٽن منٿن لاهه هڪ لهر اُٿي ٿي ۽ واپس وري اُها لهر سمنڊ ۾ سمائجي وڃي ٿي. جيڪو اُن لهر جو سمنڊ سان سنبنڌ آهي اهو ئي پرماتما جي ڀڳتن جو اُن مالڪ سان آهي. جيڪڏهن اسين ڪا شيءِ لهر کي سونپيون ٿا ته لهر اُنکي به پاڻ سان گڏ ڪٽي سمنڊ ۾ سمائجي وڃي ٿي. ڇو ته پاتشاهي جن سمجهائين ٿا ته سنت مهاتمائون اُن ستنام ساگر جون لهرون آهن. اُهي دنيا ۾ اچي شبد يا نام جو پرچار ڪن ٿا ۽ واپس اُن شبد يا نام ۾ سمائجي وڃن ٿا. جڏهن اسين انهنجي سنگت ۽ صحبت ڪريون ٿا، اُنهن جي ٻڌايل مارگ تي هلي، سندن ڀڳتي ڪري، سندن ڀڳتيءَ دوارا، سندن پيار دوارا واپس وڃي اُن پرماتما

پرماتما کان پرماتما ئي گهرن ٿا. جيستائين اُنهن کي پنهنجي اندر پرماتما جو درشن نٿو ٿئي، هنن جي من جي پياس ڪڏهن به نٿي اُجهي. هنن جي اندران برهه ۽ تڙپ ڪڏهن دور نٿي ٿئي. گرو صاحب جن فرمائين ٿا مڪتي نه اُنهن جي پٺيان ڊوڙندي رهي ٿي. جنهن وقت اسين من ۽ مايا جي دائري کي پار ڪريون ٿا، مڪتي نه اسان کي اُن وقت ئي ملي ٿي وڃي، دنيا جي بندڻن کان اسان جو اُن وقت ئي ڇوٽڪارو ٿي وڃي ٿو. پر اِن هوندي به اسين مالڪ کان تمام پري هوندا آهيون. جيستائين هو پنهنجي اصلي گهر واپس نٿا وڃي پهچن، اُن پرماتما سان ميلاپ نٿا ڪن، تيستائين مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي اندر جي تڙپ دور نٿي ٿئي، اُنهن جو عشق ۽ پيار پورو نٿو ٿئي. اِنڪري سمجهائين ٿا ته مالڪ کان فقط مالڪ کي ئي گهرڻ کپي. مڪتي ڇا وٺڻي گهرجي؟ سورڳ يا وئڪنٺ به ڇا گهرڻو آهي؟ جيستائين اسان جي اندر اُن مالڪ سان ملڻ جو عشق ۽ پيار نٿو ٿئي، برهه ۽ تڙپ پيدا نٿي ٿئي اسين پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهنداسين. جيڪڏهن ڪنهن کي مالڪ ملي ٿو وڃي ته باقي ڪهڙي شيءِ رهجي ٿي وڃي؟ 'هاٿيءَ جي پير ۾ سڀ جو پير' جنهن کي ڀنڊاري ئي ملي وڃي ته اُن کي ڀنڊار جي ڪهڙي ڪمي ٿي سگهي ٿي؟ جنهن کي سرشٽيءَ جو پيدا ڪندڙ ملي وڃي، ته اُن کي سرشٽي ۽ اُن جي پدارٿن جي ڪهڙي ڪمي ٿي سگهي ٿي؟ اِنڪري گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته مالڪ سان ملڻ جو سچو پريم پيدا ڪرڻ گهرجي، سچو عشق ۽ سچو پيار پيدا ڪرڻ کپي. رابعه بصري مسلمانن ۾ هڪ مشهور مهاتما ٿي آهي. اُها پنهنجي ڪلام ۾ لکي ٿي، "اي پرماتما! جيڪڏهن منهنجي وس هجي ته هي جيڪي دوزخ يا نرڪ آهن، اُنهن کي مان باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيان ۽ هي جيڪي تو سورڳ ۽ بهشت بڻايا آهن، اُنهن کي مان سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيان، جيئن هن دنيا جا جيو نه ته نرڪن جي باهه کان ڊڄي پنهنجي ڀڳتي

فرمائين ٿا تہ، مون نہ ڪا ڪمائي ڪئي، نہ مون ۾ ڪا نمرتا ۽ ڪمتا هئي، نہ مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار هو، نہ مونکي پرماتما جي خبر هئي ۽ نہ ئي مون ڪڏهن پرماتما جي تلاش ڪئي هئي. پر منهنجي ستگرو مونتي ايتري تہ دبا مهر بخشش ڪئي جو مونکي پنهنجي شرن ۾ رکي پنهنجو ئي روپ بڻائي ڇڏيائون.

سرگ مڪتي بئڪنٺ سڀ بانڇهہ نت آسا آس ڪريجئي

هاڻي دنيا جي طرف نظر ڦيرائي ڏسون تہ دنيا جا جيو ڪيئن نہ ڏينهن رات سرڳن ۽ وئڪنٺن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن. لوڪ ڏينهن رات انهن کي حاصل ڪرڻ جا طريقا پيا سوچين. ڪي جپ تپ ڪن ٿا، ڪي پوڄا پاٺ ڪن ٿا، ڪي دان پن ڪن ٿا، ڪي گهر بار ڇڏي جهنگل پهاڙن ۾ لڪي ويٺا آهن. اسين ڇا ٿا حاصل ڪرڻ چاهيون؟ سرڳ حاصل ڪرڻ ٿا چاهيون، وئڪنٺ حاصل ڪرڻ ٿا چاهيون. گورو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪي انهن کان وڌيڪ عقلمند آهن، وڌيڪ سياڻا آهن، اهي سرڳن ۽ وئڪنٺن کي ڪونہ ٿا ڳولهين، اهي مڪتيءَ پٺيان پيا ڊوڙن، اهي مڪتي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، اهي جنم مرڻ جي ڏکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. پر جيڪي مالڪ جا ڀڳت آهن، مالڪ جا پيارا آهن. جنهن جي اندر مالڪ سان ملڻ لاءِ شوق آهي، عشق آهي، برهہ آهي، تڙپ آهي ۽ پيار آهي، ڇا اهي پرماتما کان مڪتي ٿا گهرن؟ وئڪنٺ ٿا گهرن؟ اهي مالڪ کان ڇا ٿا گهرن؟ اڳتي فرمائين ٿا:-

هر درسن ڪي جن مڪت نہ مانگهہ،
مل درسن ترپت من ڌيجئي.

پاڻ فرمائين ٿا تہ اهي سرڳ ۽ وئڪنٺ نہ ٿا گهرندا، اهي نہ پرماتما کان مڪتي ئي نہ ٿا گهرن. هنن جي اندر نہ مالڪ سان ملڻ جو سچو عشق آهي، سچو پريم آهي ۽ سچو پيار آهي. اهي تہ

چاهي هنگي دنيا جي موهه ۽ پيار ۾ ڦاسايون، چاهي مالڪ جي ڀڳتي ۽ پيار ۾ لڳايون. انلاءِ گورو صاحب اُپديش ڪن ٿا ته جنکي مالڪ سان ملڻ جو شوق آهي اُنهن مالڪ جي ڀڳتي ۽ پيار جي اندر صرف اُن مالڪ سان ملڻ جو عشق ۽ پيار هوندو آهي ۽ اُهي مالڪ کان صرف مالڪ کي ئي گهرن ٿا. هو ڪڏهن به پنهنجيءَ ڀڳتيءَ جي عيوض مالڪ کان سرڳ، وئڪنٺ، مڪتي وغيره نٿا گهرن. اُهي ڪنهن به عيوضي يا اُجوري ملڻ جي خواهش رکي ڀڳتي نٿا ڪن. اُهي ته مالڪ جي ڀڳتي انلاءِ ٿا ڪن ته مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ جو روپ بڻجي پون.

مائيا موهه سبل هئه ڀاري موهه ڪالکه داغ لڳيجيءِ

هاڻي فرمائين ٿا ته مايا ۽ موهه ٻه وڏيون زبردست شڪتيون آهن. مايا هرهڪ کي گهيري ٿورو گهڻو هن موهه جي جار ۾ ڦاسائي ٿي ڇڏي. حضور مهاراج جن وڏن رشين منين جون ڪٿائون ٻڌائيندا رهندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته هيءَ دنيا ته ڪاجل جي ڪوٺڙي آهي چاهي اسين ڪيتري به سياڻپ، هوشياري ۽ چالاڪيءَ سان هن دنيا ۾ رهون، هر ڪنهن کي، ڪونه ڪو داغ ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور لڳي وڃي ٿو. جيڪي مالڪ جا پيارا ۽ ڀڳت آهن، جنجي اندر مالڪ سان ملڻ جي ٻرهه، تڙپ ۽ پيار آهي، اُنهن جي سنسار ۾ ڪهڙي حالت ٿئي ٿي، اهتي کولي سمجهائين ٿا:-

ميري ٺاڪر کي جن اُپت هئن مکتي جيئه مرغائي پنک نه ڀيجيءِ.

گورو صاحب جن سمجهائين ٿا ته جيڪي مالڪ جا ڀڳت آهن، مالڪ جا عاشق ۽ پيارا آهن اُهي دنيا ۾ رهندي به دنيا جي گندگيءَ ۾ نٿا ڦاسن. جهڙي طرح مرغابي پاڻيءَ ۾ رهي ٿي پر جنهن وقت اُڏامي ٿي ته سڪل پرن سان اُڏامي وڃي ٿي. اُهي مالڪ جا ڀڳت به اُن مرغابيءَ وانگر رهن ٿا. گورو صاحبن جي

ڪن ۽ نه ڪڏهن سرڳن جي آشا رکي پنهنجي ڀڳتي ڪن."
جيستائين اسين مالڪ جي ڀڳتي مالڪ جي ملڻ لاءِ نٿا ڪريون تيستائين اسين پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ ڪهڙيءَ طرح ڪامياب ٿي سگهنداسين؟ تلسي صاحب به اسانکي اهوئي سمجهائين ٿا:-

'دل کا حجره صاف کر جانا کي آني کي ليئي.
ڌيان غيرون کا اُٺا اُسکو بناني کي ليئي.'

اسين دنيا جا سڀ جيئو چاهيون ٿا ته پرماتما اسانجي هردي ۽ دل ۾ اچي نواس ڪري. تلسي صاحب جن فرمائين ٿا ته اسين اهو سوچڻ جي ڪڏهن ڪوشش نٿا ڪريون ته جنهن جڳهه تي پرماتما کي وهارڻ چاهيون ٿا اها انهي وهڻ جي قابل آهي يا نه؟ اسانجو من ته دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن جي موهه ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو، تڙندو رهي ٿو، اهي سڀ اسانجو ساٿ ڇڏي ڏيندا. انهن جي موهه ۽ پيار ۾ ڦاسي اسين ان پرماتما کي وساري ويٺا آهيون، پنهنجي اصلي گهر کي وساري ويٺا آهيون. پنهنجي اصلي ڌام يا منزل مقصد کي وساري ويٺا آهيون، انڪري سمجهائين ٿا ته جيڪڏهن اسين ان پرماتما سان ملڻ چاهيون ٿا ته انهن سڀني جو موهه ۽ پيار ڇڏڻو پوندو، مٽن مائٽن، يارن ڀينرن مان موهه ۽ پيار ڪڍڻو پوندو، تڏهن اسانجي اندر ان مالڪ سان ملڻ جو سچو عشق پيدا ٿيندو، مالڪ سان ملڻ جي ٻرهه، تڙپ يا پيار پيدا ٿيندو. اسين وچاريون ته اسانجو ڪو معمولي دوست، مائٽ اسان کان دور هليو وڃي ٿو ته اسانکي سڄي رات ننڊ نٿي اچي ۽ رات ڏينهن اسين ڳوڙها ڳاريندا ٿا رهون. ڪڏهن اسان پنهنجي من ۾ اهو سوچيو آهي ته ان مالڪ جي وڇوڙي ۽ پيار ۾ اسان ڪيترييون راتيون ننڊ نه ڪئي آهي؟ ڪيترا ڳوڙها اسانجي اکين مان ڳڙيا آهن؟ اسانجو من ته دنيا جي شڪلين، دنيا جي پدارٿن لاءِ ڀٽڪندو ۽ ٿڙندو رهي ٿو ۽ ملڻ اسين چاهيون ٿا ان مالڪ سان! اهي ٻئي ڳالهيون ڪيئن ٿيون ٿي سگهن؟ من ته اهو هڪ ئي آهي

ضرورت اسانکي هتي دنيا ۾ ٿئي ٿي. اُلي وڃي اسين ڪهڙي ڳالهه ڪان ڇڏيون ٿا؟ پنهنجي ڪمائي ڇڏي ٿا ڏيون، ۽ دنيا جي ماڻهن اڳيان هٿ ڦهلائڻو ٿو پوي. اڄا ڪپڙا لاهي ڳوڙ ورتا ڪپڙا پائي ٿا رهون، پنهنجي گهر جو سهارو ڇڏ ٻين ماڻهن جي گهرن ۾ آشرو جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. اُلي وڃي آخر اسين ڇڏيون ڪهڙي شيءِ ٿا؟ اُهي ئي خواهشون، اُهي ئي تمنائون ساڳي طرح اسانجي اندر دٻيل رهن ٿيون. جنهن وقت واپس اچي اسانکي هن دنيا کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، ته اسانجو من اسانکي ساڳي طرح آڱرين تي نچائڻ شروع ڪري ٿو ڇڏي. انهيءَ ڪري مهاتمائون سمجهائين ٿا ته دنيا جي اندر ئي رهڻو آهي سو رهو ٻڌجي رهڻو آهي، ٻاهر ٿي رهڻو آهي، پر دنيا جي اندر رهندي به پنهنجي خيال کي شبد ۽ نام ۾ جوڙي رکڻو آهي.

چندن باس ڀُئنگم ويڙي ڪو مليئي چندن ليجئي.

هينئر گورو صاحب جن تمام سندر مثال ڏين ٿا چندن جو وڻ تمام خوشبودار ٿيندو آهي. اُنهن وڻن جي ڪاٺين ۾ ڏاڍي ٿڌڪار ٿيندي آهي. جيڪي زهريلا نانگ ٿيندا آهن اُنهنکي چندن جي خوشبوءِ وڻندي آهي ۽ اُنجي ٿڌڪار به ڏاڍي وڻندي آهي، انڪري اُهي چندن جي وڻ کي چوڌاري ورڙهيا پيا هوندا آهن. پاڻ فرمائين ٿا ته جيڪڏهن اسانکي چندن جي لڪڙي حاصل ڪرڻي هجي ته اسين اُنکي ڪهڙي طرح حاصل ڪنداسين؟ چندن جي وڻ تي وڏا نانگ ورڙهيا پيا آهن، جيسين اُنهن نانگن کي ڀڄائبو ۽ نه ماربو ويندو تيسين چندن جي لڪڙي، کي ڪيئن حاصل ڪري سگهنداسين؟ پاڻ سمجهائين ٿا ته اسانکي هيءَ منش ديهي ڏاڍي مشڪل سان ملي ٿي ۽ اُن جي ذريعي ئي اسين مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ جو روپ بڻجي سگهنداسين. پر هن ديهه جي اندر هڪ نانگ هنکي چوگرد گهيري ويٺو آهي. اهو ڪهڙو نانگ آهي؟ اُهو اسانجو من آهي. اِهو اسانکي ڪڏهن

سمجهائڻ جو مطلب اهو آهي تہ انسان کي اولاد، گهر بار ڇڏي
جهنگلن ڀٽن ۾ وڃي لڪڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ کپي. دنيا
۾ سورهيو ٿي رهڻو آهي، بهادر ٿي رهڻو آهي. پر دنيا ۾
رهندي دنيا جي گندگيءَ ۾ نہ ڦاسڻو آهي. هن گندگيءَ مان
اسين تڏهن بچي سگهون ٿا، جڏهن اسين هر وقت اٿندي ويهندي،
هلندي چلندي پنهنجي خيال کي شبد ۽ نام سان جوڙي رکون ٿا.
حضور مهاراج جن سمجهائيندا هئا تہ دنيا ۾ ائين رهڻ کپي جهڙي
طرح هڪ شادي شده ڇوڪري پنهنجي ماءُ- پيءُ جي گهر
رهندي آهي. هوءَ ماءُ- پيءُ جي سيوا بہ ڪندي آهي، سڀني
ساهڙين سان کلندي ڪڏندي بہ آهي، ڇوڪري چاهي جو ڪم ڪار
بہ ڪندي رهندي آهي، پر ماءُ- پيءُ جي گهر رهندي پنهنجي
پتيءَ کي ڪڏهن بہ نہ ٿي وساري. هن جو من هميشہ پنهنجي پتيءَ
جي چرنن ۾، پتيءَ ڀڳتيءَ ۾ ۽ پتيءَ جي پيار ۾ لڳو رهي ٿو.
انسان جو پتي ڪير آهي؟ اهو پرماتما آهي، اڪال پرک آهي،
واهگرو آهي، پرميشور آهي، جنهن جا هزارين، نالا هر هڪ مهاتما
پيار وچان رکيا آهن. گورو صاحب جن ٻڌائين ٿا:-

'جيسي جل مهہ ڪمل نرالم مرغائي نيساڻي'
سرت سبد ڀو ساگر ترئي نانڪ نام وکاڻي'

(آد گرنٿ ٩٣٨)

جهڙي طرح مرغابي پاڻيءَ ۾ رهي ٿي پر سڪل پرن سان
اڏامي وڃي ٿي، ڪمل جي گل جون پاڙون پاڻيءَ اندر ٿين ٿيون
پر گل پاڻيءَ کان مٿي ٿو رهي، ساڳي طرح انسان کي دنيا جا ڪم
ڪارون ڪندي پنهنجي سرت کي شبد سان جوڙي ڀؤ ساگر پار
ڪرڻو آهي. جهنگلن ڀٽن ۾ وڃڻ سان ڪو انسان جي اندر مالڪ
سان ملڻ جو خاص شوق ۽ پيار پيدا ڪو نہ ٿيندو. اُلٽو وڃي بہ
انسان جي پيٽ کي روٽيءَ جي ضرورت پوي ٿي ۽ رهڻ لاءِ
مڪان يا جهوپڙيءَ جي ضرورت پوي ٿي. انهن ٿي شين جي

اسانجي من جي رڪاوٽ آهي، اهو فقط اسانجي من جو پردو آهي. جيستائين اسين پنهنجي من جي رڪاوٽ کي وسيلي مان دور نٿا ڪريون اسين ڪڏهن بہ پنهنجي اندر پرماتما کي پائي نٿا سگهون. جيتوڻيڪ اهو پرماتما اسان جي اندر موجود آهي.

اسين دنيا جا سڀ جيو پنهنجي عقل مطابق هزارن طريقن ۽ جڳتين سان هن من کي وس ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. هٺ ڪرمن ۾ ڦاسي، سمجھ ۽ ڄاڻڻ ذريعي زبردستي خيال کي دنيا کان موڙڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا پر جيستائين اسانجي من جو لڳاو ٻيءَ ڪنهن بهتر شيءِ سان ڪونه ٿو ٿئي انهيءَ ڪري من دنيا ۾ ٿي ري انڪت ڪرڻ شروع ڪري ٿو، دنيا ۾ ڀٽڪڻ شروع ڪري ٿو. زبردستي من کي ڪيڻ ائين آهي جهڙي طرح ڪنهن زهريلي ناڳ کي پڪڙي هڪ ٽوڪريءَ ۾ بند ڪجي. ٽوڪريءَ ۾ بند ڪرڻ سان نہ هنجو ڪروڌ وڃي ٿو، نہ جوش وڃي ٿو ۽ نہ ٿي انجو زهر دور ٿئي ٿو. جيستائين ناڳ ٽوڪريءَ اندر بند آهي، اسين هنجي زهر کان ضرور بچيل آهيون پر جڏهن بہ هنکي ٽوڪريءَ مان نڪرڻ جو موقعو ملي ٿو هو ڏنگ ضرور هڻي ٿو ۽ ڪڏهن پنهنجيءَ عادت کان باز نٿو اچي سگهي. انلاءِ مهاتما سمجهائين ٿا تہ زبردستي هٺ ڪرمن دواران پنهنجي من کي ڪڏهن بہ دنيا کان هٽائي نہ سگهنداسين. اسانجو من لذت جو عاشق آهي. جيستائين هنکي دنيا جي موهہ ۽ پيار کان اُچي ۽ سچي لذت ۽ پيار نہ ملندو، هي من دنيا جو موهہ، دنيا جو پيار ڇڏڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ ٿيندو. اُها ڪهڙي شيءِ جي لذت آهي؟ اُها شبد ۽ نام جي لذت آهي، جنهنکي حاصل ڪرڻ جو طريقو ۽ ڀيد اسانکي گرمکن، سادن، سنتن، مهاتمائن کان ملي ٿو. گورو صاحب جن اسانکي اُپديش ڏين ٿا تہ جهڙي طرح تلوار سان ناڳ کي ماريو ويندو آهي اهڙي طرح توهين بہ شبد روپي تلوار دواران پنهنجي من کي قابو ڪري سگهو ٿا. پر هيءَ تلوار

ڪام ۾ ڦاسائي ٿو ڇڏي ته ڪڏهن ڪروڌ ۾ ڦاسائي ٿو، ڪڏهن لوڀ، موهه ۽ اهنڪار ۾ ڦاسائي ٿو ڇڏي. جڏهن هيءُ من اسانتي سوار ٿي ويندو ته اسين منش ديهيءَ ۾ اچي پرماتما جي ڀڳتي ڪهڙي طرح ڪري سگهنداسين، پرماتما جي کوج ڪهڙي طرح ڪري سگهنداسين؟ پرماتما سان ميلاپ ڪهڙي طرح ڪري سگهنداسين؟ جيسيتائين اسانجو من وس ۾ نٿو اچي، هن نانگ کي پڪڙيو نٿو وڃي، تيسيتائين اسين ڪڏهن به چندن کي حاصل نٿا ڪري سگهون، انجو مطلب آهي ته اسين شرير اندر نام روپي چندن، نام روپي دولت ڪڏهن به پراپت نٿا ڪري سگهون.

ڪاڍ ڪڙگه گر گڏان ڪرارا بکه چيد چيد رس پيجئي.

هيٺئين گورو صاحب جن انجو اُپاءُ ٻڌائين ٿا ته چندن جي لڪڙيءَ کي حاصل ڪرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته اسين هٿ ۾ تلوار کڻي، اُن نانگ کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيون، نانگ جي رڪاوٽ کي رستي مان هٽائي ڇڏيون. پوءِ اسين اڇا انوسار چندن جي لڪڙي حاصل ڪري سگهنداسين. اهڙي طرح جڏهن هن ديهه ۾ رهي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ چاهيون ٿا، پرماتما سان ملڻ چاهيون ٿا ته اسانکي ڇا ڪرڻو پوندو؟

گرمکن وٽ وڃڻو پوندو، سادن، سنتن ۽ مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت ڪرڻي پوندي. اهي اسانجي هٿ ۾ ڪهڙي تلوار ڏين ٿا؟ اهي شبد ۽ نام جي تلوار ڏين ٿا. اُن شبد ۽ نام جي تلوار دواران اسين من کي وس ڪريون ٿا، من روپي رڪاوٽ کي رستي مان هٽائي ٿا ڇڏيون. پوءِ جيڪي به خزانا پرماتما اسانجي شرير يا ديهه اندر رکيا آهن انهن جا حقدار بڻجي پئون ٿا. انهن کي حاصل ڪري اسين بادشاهه بڻجي پئون ٿا. جنم مرڻ جي دکن کان اسانجو ڇوٽڪارو ٿي پوي ٿو.

گورو صاحب جن جي سمجهائڻ جو مطلب اهو آهي ته آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ جيڪا رڪاوٽ يا پردو آهي، اها صرف

اسانجا ڪيترا ئي ٻرا ـ ڪوٽا پاپ ۽ ڪرم چونڊ هجن، نام جي ڪمائي سڀني ڪرمن جو سلسلو ۽ حساب ڪتاب ختم ڪري ٿي ڇڏي. انهيءَ ڪري گورو صاحب جن اسانکي وري وري ياد ڏيارين ٿا ته اُٿندي ويهندي، هلندي چلندي هميشه پنهنجي خيال کي اُن سچي شبد سان جوڙي رکڻو آهي، اُن سچي نام سان جوڙي رکڻو آهي. جنهن شبد ۽ نام جي مهما ڪن ٿا اهو شبد ۽ نام ڪٿي ٻاهر ڪونه آهي. ڪٿي ٻاهر نه آهي. اهو اسان مان هرهڪ جي شرير اندر آهي، اسانجي ديهه ۽ اسانجي وجود اندر آهي. مان هميشه وينتي ڪندو آهيان ته اسانجو روحاني سفر پيرن جي ترين کان وٺي سر جي چوٽيءَ تائين آهي. هن سفر جون ٻه منزلون آهن- هڪ اکين تائين، ٻي اکين کان مٿي. اکين کان هيٺ اندرين جا ڀوڳ آهن، وشيه وڪارن، شرابن- ڪبابن جون لذتون آهن. سو جيستائين اسين اکين کان هيٺ ويٺا آهيون، اسين اُن سچي شبد ۽ سچي نام جي لذت يا سواد کي حاصل نه ٿا ڪري سگهون. جنهن وقت گرمکن جي سمجهاڻي مطابق اُسين سمرن ۽ ڌيان جي ذريعي پنهنجي خيال کي اکين جي پويان ايڪاگر ڪريون ٿا، پوءِ اسانکي سچي شبد، سچي نام جي سمجهه پوي ٿي ته اهو مٿي کان مٿو، سو ٻاهي کان سريلو آواز جيڪو مالڪ جي درگاهه مان اچي رهيو آهي، اهو اسان مان هرهڪ جي اندر گونجي رهيو آهي، ڌنڪارون ڏئي رهيو آهي. اهو چورن جي اندر به آهي، ٺڳن جي اندر به آهي. ساڌو، سنتن ۽ مهاتمائن جي اندر به آهي. هتي ڪنهن به ذات، ڪنهن به ملڪ ڪنهن به مذهب جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. چاهي هندو ٻڌي اندر وڃون، چاهي عيسائي ٻڌي اندر وڃون. جيڪو به خوش قسمت انسان پنهنجي خيال کي اکين پويان ايڪاگر ڪري ٿو، ڌيان کي ايڪاگر ڪري ٿو، اهو پنهنجي اندر اُن شبد کي ٻڌڻ لڳي ٿو. اُن آواز کي مهاتما سچو شبد چون ٿا. سچو نام سڏين ٿا. اُن سچي شبد ٻڌي

اسان کي ڪڏهن وٽان ملندي؟ گرمکن وٽان ئي ملندي. سادن، سنتن ۽ مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت سان ملي ٿي.

اَگن آگن سمَدا ٻُهہ ڪيني پل ٻئسنتر ڀسم ڪريجيٰ.

مها اُگر پاپ ساڪت نر ڪيني مل ساڌو لوُڪي ديجيٰ.

هاڻي گرو صاحب جن تمام سندر مثال ڏين ٿا تہ ڪوهين ڪاٺيون گڏ ڪري چاهي ڪيترو وڏو ڍير ٺاهيو، باهہ جي هڪ چڻنگ سڀني ڪاٺين کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي. اهڙي طرح اسان ساڪت انسان جا ڪيترا ئي ۽ ڪوڙا پاپ ۽ ڪرم ڇونہ ڪيا هجن، نام جي هڪ ڪڻي سڀني ڪرمن جي حساب ڪتاب کي ختم ڪري ڇڏي ٿي. انهي ڪري فرمائين ٿا تہ شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪرڻ گهرجي. ڀنهنجن گندن ۽ اڳين ڪرمن کي سوچي اجايو گهٻرائڻ نہ کپي، پر شبد ۽ نام جي ڪمائي ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيئن جيڪي بہ خراب ۽ ڪوڙا ڪرم اڳ ڪري چڪا آهيون انهن جو حساب ڪتاب ختم ٿي وڃي، آتما ۽ من جي ميل ڪٽي پوي، اسين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي قابل بڻجي سگهون ۽ اُن پرماتما کي سڃاڻڻ جي قابل بڻجي سگهون. ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:-

جب هي نام هردي ڌريو ڀيو پاپ ڪو ناش.
جيسي چنگي آگ ڪي پڙي پراني گهاس.

جڏهن اهو نام اسانجي هردي ۾ وسي ٿو، ومي وڃي ٿو ۽ جڏهن اسين اُٿندي ويهندي، هلندي چلندي، شبد جي ڪمائي ۾ لڳي وڃون ٿا تہ هي جيترا بہ اسانجا پاپ آهن، برا ڪوڙا ڪرم آهن، اُهي سڀ ناس ٿي وڃن ٿا، اُنهن سڀني جو حساب ڪتاب ختم ٿي وڃي ٿو. پاڻ تمام سندر مثال ڏين ٿا تہ سڪل گاهہ جو ڪيڏو بہ وڏو ڍير پيل ڀلي لڳايو، آگ جي هڪ ئي چڻگاري ڪن ۾ سڄي گاهہ کي ساڙي رک ڪري ڇڏي ٿي. اهڙي طرح

اسين انهن وڪارن کي وسنتي مان دور ڪري سگهون ٿا. اُنهن سڀني جي سمجھ ۽ ٻوجھ اسانکي گرمکن جي سنگت ڪرڻ سان اچي ٿي. اسانجي من ۾ سنگت يا صحبت جو اثر تمام جلدي ٿئي ٿو. جيڪڏهن خراب ماڻهن جي سنگت ڪريون ٿا ته اسانجي من ۾ برا برا وچار پيدا ٿين ٿا. جيڪڏهن مالڪ جي پيارن ۽ ڀڳتن جي سنگت ڪريون ٿا ته اُهي پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ لڳا پيا آهن، انهنکي ڏسي خود ئي اسانجي اندر مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿئي ٿو.

ساڪت سوت بهه گرجهي پرئا ڪڻہ ڪرتان تنيجيءِ.
تنت سوت ڪڇہ نکسئہ ناهين ساڪت سنگ نہ ڪيجيءِ.

گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪي منمک انسان آهن، اُنهن جي من ۾ ڪڏهن به صبر يا سنتوش نٿو اچي. پرماتما انهن کي چاهي ڪيترو به ڏئي، اُهي هميشه پرماتما کان ٻيهجون دنيوي اچائون ۽ ترشنائون پوريون ڪرائڻ چاهين ٿا. اُهي شخص هميشه دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن پٺيان ڀٽڪندا ۽ ترڦندا رهن ٿا. گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته اهڙن ماڻهن جو سنگ ۽ صحبت ڪرڻ ڪهڙي؟ "لک ڪوس ڪنئه بهت ڏيجيءِ." اُنهن کان ته لک ڪوهه دور رهڻ گهرجي. اُنهن جي سنگت ته ڪڏهن ڀلجي به نه ڪرڻ گهرجي. ڪنهنجي سنگت ڪرڻ گهرجي؟ اڳيان فرمائين ٿا :-

ستگورو ساڌ سنگت هڻہ نيڪيءِ مل سنگت رام رويجيءِ.

ٻاڻ فرمائين ٿا ته ڪنهنجي سنگت ڪرڻ گهرجي؟ گرمکن جي سنگت ڪرڻي آهي، ستگوروءَ جي سنگت ڪرڻي آهي، سادن سنتن جي سنگت ڪرڻي آهي. ٻنهجو پاڻ کي ستسنگ ۾ لڳائڻو آهي چاڪاڻ ته 'رام رويجئه' ستسنگ ۾ وڃڻ سان مالڪ جي ياد اچي ٿي، مالڪ جي ڀڳتيءَ طرف اسانجو خيال

نام جي ڪمائي ڪري اسان جا جيڪي به ٻرا ۽ ڪوڙا ڪرم ۽ پاپ آهن اُنهن جو سلسلو ختم ٿي ويندو ۽ اسانجي آتما جي متان جيڪي گندا گندا پردا آهن اُهي سڀ لهي ويندا.

ساڌو ساڌ جن نيڪي جنهن انتر نام ڌريجيءِ.

هاڻي فرمائين ٿا ته جيڪي ساڌو-سنت ۽ مهاتما آهن، اُهي لامار اوچي گتيءَ وارا آهن. اُنهن جي مهما اپار آهي چاڪاڻ ته اُنهن ساڌنا ڪري پنهنجي اندر اُن نام روپي دولت کي پرگهٽ ڪيو آهي. مهاتما 'ساڌو' اُنهن کي چون ٿا جيڪي من ۽ مايا جي دائري کي پار ڪري ويا آهن، جيڪي پنهنجو پاڻکي سڃاڻڻ جي قابل ٿي ويندا، جنهجي آتما ۽ من جي ڳنڍ کلي پوي ٿي. مهاتما اُنهنکي 'ساڌو' نٿا چون جيڪي گهر ٻار ڇڏي، ٻار ٻچن کي ليائي ڳيڙو رنگا ڪپڙا پائي جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ وڃي وهن ٿا. اُنهن ۾ ڪو ساڌو ٿي سگهي ٿو پر صرف ڳيڙو رنگا ڪپڙا پائڻ سان ماڻهو ساڌو نه ٿو ٿي پوي. جيڪو انسان ساڌنا ڪري پنهنجي خيال کي نام سان جوڙي ٿو، شبد سان جوڙي ٿو، اُنکي ئي گورو صاحب جن ساڌو چون ٿا. پاڻ فرمائين ٿا ته اُنهنجي وڏي مهما آهي، اُنهن جي اوچي پدوي آهي. اسانکي اهڙي اوچ گتيءَ وارن گرمکن جي سنگت ڪرڻي آهي، اهڙن ساڌن سنتن ۽ مهاتمائن جي صحبت ڪرڻي آهي.

پرسن پرس پئي ساڌو جن جُن هر ڀگوان ڌڪيجيءِ.

پاڻ سمجهائين ٿا ته اهڙن مهاتمائن جي سنگت ۾ اچي اسانجي من کي ڌاڙو آنند ملي ٿو، خوشي ۽ شانتي ملي ٿي. اُنهنجي سنگت مان ئي اسانکي خبر پوي ٿي ته پرماتما ڪهڙي هستي آهي، آتما ۽ پرماتما جو ڪهڙو سنبنڌ آهي، ڪهڙي طرح اسين پرماتما کان وڇڙي چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ ڦاٿا پيا آهيون، اسانجي رستي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون رڪاوٽون آهن، ڪهڙي طريقي سان

ڪري سگهندا سين ؟

وري فرمائن ٿا ته اهو نام رتن آهي، جواهر آهي بلڪ ان کان به وڌيڪ قيمتي آهي. رتن ۽ جواهر پڻ ڪيترا به قيمتي چونه هجن پر آخر مٽي ئي آهن، مهاتما ته هتي ٻاهرين شين جا مثال اسان کي سمجهائڻ لاءِ ئي ڏين ٿا. اصل آهي سڀ کان وڌيڪ قيمتي شين سان ڀيٽ ڪري اسان کي سمجهائين ٿا. ڪيترا دفعا ان نام کي پڻ ٻيا ۽ امولڪ به چون ٿا. ان جو مطلب اهو آهي ته دنيا جي ڪابه ڌن دؤلت ڪوبه خزانو نام جي قيمت نٿو چڪائي سگهي. پر اهو نام جي دؤلت ڪٿان ملي سگهندي؟ 'گورو ڪرپائي لڀجي' جڏهن وقت گوروءَ جي ڪرپا ٿيئي ٿي، پرماتما جي دِيا مهر بخشش ٿيئي ٿي، پوءِ اسان کي ان کي حاصل ڪرڻ جي جڳتي، سادن ۽ طريقي جو پتو پوي ٿو، اسانجو خيال ان شبد سان جڙي وڃي ٿو، ان نام سان جڙي وڃي ٿو.

ميرا ٺاڪر وڏا وڏاهڻ سڀامي هم ڪِهُه ڪر ملهه مليجيءِ.

هيٺئين سڀ ڪجهه بيان ڪري مالڪ جي طرف اچن ٿا پاڻ فرمائين ٿا ته اهو جيڪو پرماتما آهي، اهو تمام وڏو آهي. تمام اُچو آهي تمام سچو آهي. اهو سڀني جو مالڪ آهي. اسين دنيا جا جيو تمام هيٺ آهيون، اسانجي اندر ڏاڍي گندگي پيل آهي اسين مايا جي جار ۾ ڦاٿل آهيون. اسانجي اندر نه ڪو گڻ آهي، نه اسان ۾ ڪا خوبي آهي. اسين تمام هيٺ آهيون. اهو پرماتما تمام اوچو آهي. ان مالڪ سان ملڻ ٻيا، ڏسڻ جي ڳالهه کان اسان جو چوڪارو ڪڏهن به ٿي نه سگهندو. اهڙو هيٺ هئڻ جي باوجود اسين اڏي اوچي ۽ سچي پرماتما کي ڪهڙي طرح پائي سگهندا سين؟ اڳتي فرمائين ٿا:-

نانڪ ميل ملائي گورو پورا جن ڪِهُه پورن ديجيءِ.

فرمائين ٿا ته اهڙا ڪريل ۽ گندا هئڻ جي باوجود به اسين

وڃي ٿو، وشه وڪارن مان اسانجو خيال نڪري ٿو وڃي ۽
ڪبير صاحب جن فرمائن ٿا :-

ڪبير سنگت ساڌ ڪي جَو ڪي ڀوسي کاءِ ۔
کير کانڊ ڀوجن ملي، ساڪت سنگ نه جاءِ ۔

جيڪڏهن مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي سنگت ۾ رهي اسان کي سڪل روٽي به کائڻي پوي ته اها منمکن جي سنگت ۾ رهي کير، حلوي ۽ سوادي ڀوڄن جي ڀيٽ ۾ لک دفعا بهتر آهي ڇاڪاڻ ته :-

ايڪ گهڙي آڌي گهڙي آڌي سون ڀي آڌ ۽
ڪبير سنگت ساڌ ڪي ڪٽين ڪوٽ اپراڌ ۔

هڪ گهڙي، اڌ گهڙي جيڪا به مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي سنگت ۾ گذاريون ٿا، اُن سان اسانجي من مان هزارين پرڪارن جا وهم، ڀرم ۽ سنڪلپ دور ٿي وڃن ٿا. خبر ناهي ڪهڙي گرمکن ۽ مهاتمائن جي ڳالهيءَ جي گهڙي لڪ اسانجي ڪنن ۾ پوي جيڪا اسانجي سڄي زندگيءَ کي ئي بدلائي ڇڏي. انڪري مهاتما سٽسنگ تي گهڻو زور ڏين ٿا. نيڪ صحبت ۽ آتم سنگت تي زور ڏين ٿا.

انتر رتن جوهر ماڻڪ گورو ڪرپا تي ليکجي

جنهن شبد ۽ نام جي هيتري مهما آهي، پاڻ سمجهائين ٿا ته اهو شبد يا نام ڪٿي آهي؟ ڇا انجي کوج ڪرڻ لاءِ منش کي جهنگلن پهاڙن جي طرف ڊوڙڻ کپي يا مندرن، مسجدن ۽ گردوارن ۾ ڳولڻ گهرجي يا گرنٿ پوٿيون پڙهڻ شروع ڪرڻ گهرجن؟ گورو صاحب جن فرمائين ٿا 'انتر'۔ اهو نام ڪٿي ٻاهر نه آهي، اسانجي سرير اندر آهي، اسانجي ديهه ۽ وجود اندر آهي. جيڪڏهن ڪا شيءِ اسانجي گهر اندر گم ٿي وڃي ته جي اسين گهر ۾ ئي اُها ڳوليندا سين ته اسانکي اها ملي سگهندي. پر جيڪڏهن اها ٻاهر ڳولهڻ شروع ڪنداسين ته انکي ڪيئن حاصل

پرماتما سان ملي سگهون ٿا. پرماتما ڏانهن پهچي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان کي ڪو پورو ستگرو ملي وڃي، پورڻ گرمک ملي وڃي، اهو اسان کي مالڪ سان ملڻ جو ڀيد ۽ طريقو ٻڌائي، ته اسين پرماتما جي ڀڳتي ڪري پرماتما ڏانهن پهچي ويندا سين. شروع ۾ پاڻ سمجهايائون ته مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا ڪهڙي طرح پارس بڻجن ٿا. ڪهڙي طرح اُن مالڪ جي پيارن ۽ ڀڳتن جي صحبت ڪري اسين خود به پارس بڻجي سگهون ٿا. اسان جو به جنم - مرڻ جي ڏکن کان ڇوٽڪارو ٿي سگهي ٿو ۽ اسين به واپس وڃي اُن پرماتما ۾ سمائجي سگهون ٿا. انهيءَ اسان کي ته کوجي ته اسين گرمکن جي سنگت ۽ صحبت ۾ اچي شبد جي ڪمائي ڪريون ۽ نام جي ڪمائي ڪريون.

ڇپائيندڙ:
ايس - ايل - سونڌي
سيڪريٽري
راڌا سوامي ستسنگ، بياس
ضلع امرتسر (پنجاب)

سڀ حق واسطا قائم

پهريون ڇاپو   مارچ ١٩٨١   ڪاپيون ٠٠٠

ڇپيندڙ:
ڪوهنور پرنٽرس، شيڪا مٺا، ڏگي ٻازار، اجمير